نور افروز خواجه

# گوبند مالهي

١٩٤٧ع جي ورهاڱي کان پوءِ هندو اديب سنڌ مان لڏي هندستان هليا ويا هئا، جتي هنن پنهنجي پوري توجهه علم و ادب ڏانهن ڏني. انهيءَ ڪري اتي ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيڻ لڳا. جن ۾ گهڻو تعداد ناولن جو آهي. هندستان ۾ سنڌي ناولن جي وڌيڪ ترقيءَ جو سبب اهو به آهي، جو ورهاڱي کان اڳ سنڌ ۾ ناول لکندڙن جو گهڻو تعداد آهي هندو ليکڪ ئي هئا. هنن جا سنڌ ۾ به ڪيترائي ناول شايع ٿي چڪا هئا. تنهنڪري هندن جي لڏي وڃڻ سان هتي ناولن کي تمام گهڻو نقصان رسيو آهي. هندستان ۾ هنن جي وڃڻ کان پوءِ ڪيترائي نوان ادبي ادارا وجود ۾ اچي ويا، جن نه صرف نوان ناول شايع ڪرايا، پر سنڌ ۾ به ڇپيل ناولن کي ٻيهر ڇپايو. ڪن ادارن ته سال ۾ هڪ ڊزن کان به وڌيڪ نوان ناول شايع ڪيا ۽ انهيءَ سان گڏو گڏ ڪيترين ئي ٻولين جي ناولن جا ترجما پڻ سنڌيءَ ۾ شايع ڪيا. ورهاڱي کان پوءِ ڀارت ۾ ناول جو هڪ نئين جاڳرتا جو دور آيو، اهو وقت هڪ تاريخي ولولي جي پيدائش جو هو ۽ سنڌي اديبن لاءِ هڪ للڪار بڻجي آيو هو. جنهن جي هنن آجيان ڪري، ان سان ٽڪرائي هڪ نئين دور جو آغاز ڪيو. جنهن کي ناول جو جديد دور چئجي ٿو. هن دور ۾ ناولن ۾ نوان نوان موضوع آيا هئا ۽ سنڌ مان لڏي آيلن کي وطن جي ڇڪ، لڏپلاڻ واري افراتفري ۽ مالي

حالتن کي منهن ڏيڻ کان سواءِ هڪ نئون ماحول ۽ معاشرو لاءِ، نين ريتن ۽ رسمن جو مقابلو ڪرڻ وغيره جي ڪري هنن وٽ ڪيترائي نوان مسئلا پيدا ٿيا، جيڪي ادب جا خاص موضوع بڻجي ويا.

هن دور جي ناولن ۾ ڪهاڻيون ساديون هيون، جن ۾ عام ڪردار ۽ ماحول پيش ڪندي، پنهنجي ذاتي مشاهدن تي ٻڌل حالتن کي ظاهر ڪيو ويو هو. هر طبعزاد ناول پنهنجي ديسي تهذيب تمدن، اخلاقي ۽ اصلاحي حالتن ۽ سياسي رجحانن کي پيش ڪيو، جن ۾ ماضي جي يادگيرين کي ورجائيندي، مستقبل جي راهن کي سنوارڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ پنهنجي ذاتي مشاهدن جي مدد سان جذبن ۽ احساسن کي پيش ڪندي، تخيل جو پرواز ڏيکاريو ۽ معاشري جي انتشار کي واقعات جي شڪل ڏني، واضح ڪرڻ شروع ڪيو. انهيءَ کان سواءِ معاشري جي هر فرد جو عمل ۽ ردعمل ۽ حالتن جي ڦندي ۾ ڦاٿل هجڻ، انهيءَ تي معاشري جو اثر چڱي طرح ظاهر ڪيو ۽ وقت جي هر حالت کي معاشري جي هر فرد اڳيان آندو ۽ انهيءَ کي اديبن پنهنجو مقصد بڻايو. اهڙي طرح اديبن معاشري جي هر فرد جي زندگيءَ جي مسئلن ۾ جذب ٿي، هر فرد جي ذهن جي پرک ڪري، مسئلن جي تهه تائين ويا ۽ پوءِ هر فرد ۽ جماعت جي هڪٻئي سان تعلق کي ناول جو موضوع بڻايو. اهڙين حالتن ۾ ڀارت ۾ جيڪو پهريون ناول نويس سنڌي ادب جي افق تي اڀريو، اهو 'گوبند مالهي' هو.

گوبند مالهي سنڌي ادب ۾ ٻچڙ تاري جيان آيو ۽ ايندي ئي هو سنڌي ادب تي ڇانئجي ويو. هو هڪ سٺو ڪهاڻيڪار ۽

مضمون نويس هئڻ سان گڏ هڪ برک ناول نويس پڻ آهي. هن جي اچڻ کان اڳ سنڌي ناول خاموش، بي جان ۽ شور و غل کان خالي هو، پر مالهيءَ جي ايندي ئي ناول ۾ وڏو انقلاب آيو. جڳديش لچاڻي گوبند مالهيءَ جي فن جي باري ۾ لکي ٿو ته:

> "مالهيءَ جي ڪلا جيون جي سمان ارٿي آهي، هن جا اپنياس گويا ساهت جي سرشٽي نه پر جيون جي سرشٽي آهن. اهو ئي سبب آهي، جو هن جون رچنائون، پاٺڪن جي هرديه کي لوڏي ڇڏينديون آهن. انهن جي انيوءَ ۽ همدرديءَ جا دروازا کولي ڇڏينديون آهن." (١)

گوبند مالهيءَ جي ناولن جا خاص موضوع ڏيتي ليتي، پيار جي شادي وڏوا وواه، خانداني شاديون، گڏيل ڪٽنب جو مسئلو، طلاق جو مسئلو، امن ۽ شانتي وغيره ۽ ٻين ڪيترن سماجي مسئلن کي پنهنجن ناولن جو مرڪز بڻايو. انهيءَ کان سواءِ هن جي ناولن ۾ سنڌ جي سڪ، سنڌ جو ماحول، سنڌي جذبا، سنڌي ڪردار ۽ سنڌ جو واڍو سنڌيل گهڻي حد تائين نظر اچي ٿو.

گوبند مالهيءَ سنڌيءَ ۾ ڪيترائي ناول لکيا آهن، جن ۾ ڀارت ۾ سندس پهريون ناول "آنسو" ١٩٥٢ع ۾ "سرگم" جي بانيڪارن ڇاپيو هو، جيڪو ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ادب ۾ هڪ اهم ناول ليکيو وڃي ٿو. هن ناول ۾ سنڌ مان لڏي وڃڻ کان پوءِ بمبئي شهر ۾ ۽ ان جي آس پاس ڪئمپن ۾ ورهايل سنڌي عوام جي زندگيءَ جي تصوير پيش ڪيل آهي. خاص ڪري نوجوان سنڌي ليکڪن جي گروهي زندگي، انهن

جون گڏجاڻيون ۽ بحث مباحثا ۽ سرگرميون، جن جي ذريعي هو سنڌي سماجي زندگيءَ کي بهتر بڻائڻ چاهين ٿا، اهو سمورو ماحول نهايت وڻندڙ ۽ دلچسپيءَ سان چٽيو ويو آهي.

هن ناول جو سڄو مسئلو ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي 'پيار جي شادي' آهي. جنهن جو حل ليکڪ اهو ڏنو آهي ته نوجوانن جي شادي ڪامياب ائين ٿي سگهي ٿي، جنهن ۾ نه صرف دلين جو جذباتي پيار هوندو، پر خيالن جي به هڪجهڙائي هوندي ۽ ڇوڪرو ۽ ڇوڪري ٻئي ڪمائيندڙ ۽ اقتصادي طور آزاد هوندا. انهن خيالن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ هن "وشن" جو ڪردار خلقيو آهي، جنهن جو تاثر سڄي ناول تي ڇانيل آهي. سندس ناول جي ڪردارنگاري وڻندڙ ۽ شاندار آهي.

گوبند مالهيءَ جو ساڳئي سال جو ٻيو ناول آهي، "زندگيءَ جي راهه تي" جيڪو ڪهاڻي پبليڪيشن وارن جو ڇپايل آهي. هن ناول ۾ ڪيترائي سماجي مسئلا بيان ڪيل آهن. انهن سان هڪڙو ته گڏيل هندو ڪٽنب جو آهي، جنهن ۾ گڏيل ڪٽنب جي نعمتن ۽ لعنتن جي ڇنڊڇاڻ ڪيل آهي. پاڻ هاڻي اهو حل ڏئي ٿو ته هن دور ۾ گهرو تڪليفن جي ڪري گڏيل ڪٽنبن جو زوال اچي وڃڻ کپي، جنهنڪري اهو ٽٽي ننڍا ننڍا ڪٽنب ٿي وڃڻ کپن ته جيئن انهن جي پاڻ ۾ نفرت ۽ تڪرار جي بدلي اتفاق ۽ محبت قائم رهي. جڳديش لڇاڻي هن ناول جي باري ۾ لکي ٿو ته:

"مالهيءَ ناول 'زندگيءَ جي راهه تي' ۾ هاڻوڪي سماجڪ حالتن سان گڏوگڏ، گڏيل ڪٽنب جي زواليت تي به روشني وڌي آهي." (٢)

ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ ٻه هن ناول بابت هيءَ راءِ ڏي ٿو ته:

"هي ناول اصلاحي آهي، جنهن ۾ مصنف پنهنجي قوم جي سماجي مسئلن کي پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ خاص مسئلو ڪٽنب جو پيش ٿيل آهي." (٣)

هن ناول ۾ ٻيو مسئلو محنت ڪش طبقي جو پيش ڪيل آهي. وچولي طبقي وارا ماڻهو جيڪڏهن هيٺين محنت ڪش طبقي سان ملي ڪم ڪن ته هيءُ سماج خوشحال ٿي پوندو. مالهيءَ جي خيالن جي پختائي، آکاڻيءَ جي رٿا، سيرت نگاري، لکڻي وغيره، هر لحاظ کان هيءُ ناول ڪامياب آهي.

گوبند مالهيءَ جو هن سال جو نئون ناول "جيون ساٿي" آهي، جيڪو ساڪي ٿي اداري شايع ڪيو. هن ناول جو ٻه خاص مسئلو 'پيار جي شادي' آهي، جنهن ۾ معاشري جي معاشي حالتن ۽ ريتن رسمن جو بيان ڪيل آهي. هن ناول ۾ ٽن مختلف جوڙن جي زندگيءَ جو احوال آهي، جيڪي دل ٽوڙي دماغ کان ڪم وٺي، سماجي رنڊڪن کي بردباريءَ سان منهن ڏيئي ختم ڪن ٿا ۽ آخر سچا ساٿي بڻجن ٿا.

"هن ناول جي ڪهاڻي مرڪب آهي" (٤) جنهن ۾ پهرين جوڙي جي ڪهاڻي تمام عمدي نموني ۾ ادا ٿيل آهي، پر آخر ۾ هيروئن جو نااميد ٿي بدمعاشن ۾ وڃي نڪرڻ، اڻ ٿيڻي ڳالهه معلوم ٿئي ٿي. ٻيو جوڙو پهرين جوڙي سان بلڪل مايل نظر اچي ٿو. پر ٽيون جوڙو بلڪل جدا ڪهاڻيءَ ۾ هلندو نظر اچي ٿو، جنهن جو پهرئين ۽ ٻئي جوڙي سان ڪو به تعلق نٿو ڏسجي.

انهيءَ کان سواءِ گوبند مالهيءَ جو ناول "پيار جي پياس" بہ هڪ ڪامياب ناول آهي. هن ناول کي ١٩٥٣ع ۾ ايوارڊ بہ مليو.

گوبند مالهيءَ جا ١٩٥٣ع ۾ بہ ناول ڇپيا، جيڪي "ڪهاڻي" پبليڪيشن وارن ڇپايا. جنهن ۾ پهريون ناول "من جو ميت" هن ناول جو موضوع بہ پيار جي شادي آهي. پر هن ناول جو دائرو "جيون ساٿي" کان وڏايو ويو آهي. جيون ساٿي ۾ ٽن پيار ڪندڙ جوڙن جي ڪهاڻي هئي ۽ "من جو ميت" ۾ ڇهن پيار ڪندڙ جوڙن جي ڪهاڻي آهي. پر چارئي جوڙا هڪٻئي سان ڳتيا پيا آهن هن ناول جو ماحول ڪلياڻ ڪئمپ (بمبئي) جو پيش ڪيل آهي. هن ناول جو پلاٽ تمام عمدو آهي. منگهارام ملڪاڻي هن ناول بابت لکي ٿو تہ:

> "منهنجي خيال ۾ هڪ مرڪب (complex) ناول هوندي بہ هيءَ مالهيءَ جو چونڊيءَ وارو ناول آهي. جنهن ۾ رنگ، ماحول ۽ مقصد جي ايڪتا بهترين نموني نباهي ويئي آهي." (٥)

هن ناول جي خاص خوبي اها آهي، جو منجهس اهي عملي طريقا ٻڌايل آهن، جن سان هڪ 'آدرشي سنڌ' پيدا ڪري سگهجي ٿي. منگهارام ملڪاڻي هن ناول جي انهيءَ خوبي بابت لکي ٿو تہ:

> "هن ناول جي خاص خوبي آهي، جو منجهس عملي طريقا ڏسيل آهن، تہ ڪيئن سنڌو نگر جي پنچاتي

سرشتي کي سڌارڻ، سهڪار منڊليون برپا ڪرڻ ۽
ڪارخانا کولي، ماڻهن کي مشغولي ڏيڻ سان هڪ
آدرشي سنڌ پيدا ٿي سگهي ٿي.“ (٦)

گوبند مالهي پنهنجن ڪيترن ئي ناولن ۾ هند ۽ سنڌ جو ذڪر ڪري ٿو. سندس هن سال جو پيو ناول. ”پکيئڙا ولر کان وڇڙيا“ آهي. هي هند ۽ سنڌ جو بهترين ناول ليکيو وڃي ٿو. هن کي بمبئي ۾ ١٩٥٣ع جو بهترين ناول جو انعام پڻ مليو. هن ناول جو سمورو ماحول ورهاڱي ۽ پاڄ واريءَ سنڌ جو آهي، جنهن ۾ لڏي ويلن جي دلين ۾، وطن جون يادگيريون پيش ڪيل آهن.

پروفيسر هيرو شيوڪاڻي هن ناول ۾ ورهاڱي کان پوءِ جي لڏپلاڻ جي موضوع جي باري ۾ لکي ٿو ته:

گوبند مالهيءَ جي ناولن ۾ شروعاتي دور ۾
لڏپلاڻ، ڪئمپن ۾ سنڌين جي دربدر زندگي ۽
سنڌ جي ياد، سنڌيت جو جذبو، سندس ناول ”پکيئڙا
ولر کان وڇڙيا“ ۾ ملي ٿو. انهيءَ کان سواءِ
”شرم پوئي“، ”ڏيهي پرڏيهي ٿيا“ ناولن ۾ سنڌي ۽
سنڌ جي زندگيءَ جي جهلڪ ملي ٿي.“ (٧)

ناول جي شروعات ۾ هڪ ڳوٺ ۾ ملڪ جي ورهاست کان پهرين هندو ۽ مسلمانن جي ڀڏي، پيار ۽ محبت سان گڏ رهندي ڏيکاريو ويو آهي، ۽ ورهاڱي کان پوءِ انهن ۾ ڪيئن

دشمني، ڪڙهڻو ۽ نفرت وڌندي وڃي ٿي، ايستائين جو هنن لاءِ سواءِ لڏي وڃڻ جي ٻيو ڪو حل نٿي ڪونه هو.

ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ هن ناول جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”هي ناول جذبات نگاريءَ جي لحاظ کان شاهڪار ليکيو وڃي ٿو.“ (٨)

انهيءَ کان پوءِ ١٩٥٤ع ۾ گوبند مالهيءَ جا ٻه ناول شايع ٿيا. انهن مان هڪ ناول آهي ”للڪار“، جيڪو راڻي پبليڪيشن وارن ڇپايو. هي ناول گوبند مالهيءَ جو نرالي ڍنگ وارو ناول آهي، جنهن ۾ غنڊن ۽ داداگيرن جو ذڪر ڪيل آهي، ۽ سماج جون ڪمزوريون ۽ بي انصافيون هن ناول جو خاص موضوع آهن. مرڪزي لحاظ کان هي ناول نئون ۽ دلچسپ آهي. هن ناول جي باري ۾ جگديش لڇاڻي لکي ٿو ته:

”ناول للڪار“ ۾ سڄي سماج جي اندرين ڪمزورين، بي انصافين ۽ حقارت ڀريل حالتن جو اظهار ڪيل آهي.“ (٩)

هن ناول جا ڪردار سنڌي ۽ مرهٽا، مرد توڙي زالون سڀ لُڇا، بي ايمان، ٺڳ آهن. پر تنهن هوندي به انهن ڪردارن سان همدردي ٿئي ٿي، ڇو جو اهي سڀ شخصي يا ماحول جي مجبورين جو شڪار ٿيل آهن ۽ منجهن خاسين سان گڏوگڏ ڪيتريون ئي خوبيون به موجود آهن. منگهارام ملڪاڻي لکي ٿو ته:

”هن ناول ۾ گوبند مالهيءَ جو خاص مطلب آهي ته جڏهن سڀئي گنهگار يڪمشت ٿي سماجڪ مجبورين

جو مقابلو ڪندا، تڏهن ئي سماج ۾ اوچ ڇرتر وارا انسان پيدا ٿيندا، ۽ اهائي ناول جي 'للڪار' آهي."(١٠)

هن ناول ۾ معاشري جي بگڙيل فردن تي تنقيد ڪيل آهي ۽ انهن بگڙيل فردن جي جوابداري معاشري تي مڙهيل آهي. هي ناول موضوع ۽ ڪردارن جي لحاظ کان بلڪل نئون آهي. هن ۾ هر ڪردار جا سڀ پهلو، ناول جي عڪاسي ڪن ٿا.

گوبند مالهيءَ جو هن سال جو ٻيو ناول آهي، "چنچل نگاهون" جيڪو پارت جيون پبليڪيشن وارن ڇاپيو. هن ناول جو موضوع به پيار جي شاديءَ وارو آهي، پر هن جو دائرو وسيع ڪري جيئري تي جيئري شادي جا مسئلا ۽ طلاق جا مسئلا به شامل ڪيا ويا آهن. ڊاڪٽر پنڃاڻي هن ناول جي مقصد جي باري ۾ لکي ٿو ته:

"هن ناول ۾ شاديءَ جي مسئلن جو بيان ڪيل آهي، جنهن ۾ طلاق ۽ ٻي شادي سندس خاص مقصد آهي."(١١)

حالانڪ هن ناول جي آڪائي روايتي آهي، پر ان ۾ مسئلن کي نهايت هوشياري سان ڦوليهيو ۽ ڦاهيو ويو آهي. هن ناول بابت منگهارام ملڪاڻي پنهنجي راءِ پيش ڪري ٿو ته:

"هن ناول ۾ گوبند مالهيءَ جو مقصد آهي ته مرد ۽ عورت جو ميلاپ، جيڪڏهن پريتي ووا هه تي ٻڌل آهي ته اهو آدرشي سبنڌ آهي، پر جيڪڏهن ڪن زبردست ڪارڻ ڪري، ڏرين ۾ محبت قائم رهي نه

سگهي ۽ مور ڳو ٻنهي جي زندگي زهر ٿي ٿوي ته پوءِ ڪين
طلاق معرفت هڪٻئي کان الڳ ٿيڻ جو حق حاصل
ٿيڻ کپي." (١٢) هي به هڪ ڪامياب ناول آهي.

١٩٥٥ع ۾ گوبند مالهيءَ جو ناول "عشق ناهي راند" ڇپيو، جيڪو ڪهاڻي پبليڪيشن وارن شايع ڪيو. هن ناول جو موضوع بي جوڙ شادي آهي. جنهن ۾ بي جوڙ شاديءَ کان پوءِ هيرو کي پڇتائڻو پوي ٿو. هيءَ ناول روماني ناول آهي. هي مالهيءَ جي پختي عبارت ۾ لکيل ناول آهي ۽ ان جي طرز بياني پڻ اثرائتي آهي. هن ناول ۾ هيرو پنهنجي دوست جي معشوقا جي خوبصورتي ڏسي مٿس عاشق ٿيو پوي. هن کي هڪ طرف ته دوست آهي ۽ ٻي طرف اها ڇوڪري. هوءَ به هن کي پيار ڪوني ٿي، ٻر پوءِ هو انهي ساڳي ڇوڪريءَ سان شادي ڪري ٿو، جيڪا ٻي جوڙ شادي آهي. انهيءَ ڪري هو، ڏاڍو پڇتائي ٿو ۽ پوءِ ٻئي پاڻ ۾ ٿي زندگي گذارين ٿا ۽ آخر ۾ ڇوڪري (هيروئن) کي سلهه ٿيڻ جي ڪري مري وڃي ٿي ۽ سندس اصلي عاشق ڪم ٿي وڃي ٿو ۽ آخر ۾ گوپا جي آندولن ۾ پنهنجي جان ڏي ٿو.

منگهارام ملڪاڻي هن ناول تي تبصرو ڪندي لکي ٿو ته:

"گوبند مالهيءَ جي هن ناول "عشق ناهي راند" ۾ نيچ نائڪ کي ڀڳوان، پرارٿنا ۽ تقدير ۾ اعتبار رکندڙ ڏيکاريو آهي. هڪ هندو ڪائنس ائين به چورايو اٿس. 'سڄي سماج کي تلاهي ٺهرائي ويو آهيان. اها به

> هڪ انساني ڪمزوريءَ لاءِ ٻئي ڪنهن کي مجرم
> ٺهرائڻ، ٻيو ڪونه ملي ته سماج تي موجود آهي.
> شڪر جو ترقي پسند ليکڪ شخصي ڪمزورين کي
> به ميڃڻ لڳو آهي ۽ هر خاميءَ لاءِ سماجڪ سرشتي
> کي ڏوهه نٿو ڏي.“ (١٣)

هن سماجي مسئلي کي گوبند مالهيءَ هن ناول ۾ سلجهائڻ
جي ڪوشش ڪئي آهي. مالهي انهيءَ وانگر ٻين به
ڪيترن ئي سماجي مسئلن کي ڇهيو آهي. هونئن به هو هميشه
نوان نوان موضوع ڪٺندو آهي ۽ سندس هر ناول ۾ سماجي
بهبوديءَ جو مقصد شامل هوندو ئي آهي.

گوبند مالهي ڳوٺاڻي زندگيءَ کي تمام ويجهڙائيءَ تان
ڏٺو آهي ۽ هو انهيءَ زندگيءَ جا چٽ چٽڻ ۾ بيحد ڪامياب
ويو آهي. سنڌي زبان ۾ هن جو ناول ”شرم ٻوليءَ“ ڳوٺاڻي
زندگيءَ تي لکيل هڪ ڪامياب ناول آهي، جيڪو هن
١٩٥٦ع ۾ لکيو ۽ راڻي پبليڪيشن وارن شايع ڪيو. هن
ناول جو موضوع سنڌي خانہ بدوش بازيگرن جي زندگيءَ تي
ٻڌل آهي.

گوبند مالهيءَ جو ١٩٥٧ع ۾ ناول ”لوڪ آهي ٻوڪ“
شايع ٿيو، جيڪو ڀارت جيون ناول مالها وارن ڇپيو. هن
ناول جو موضوع وڏوا وواه جو مسئلو آهي. هن ناول ۾
پراڻي رواج موجب ڪنهن ان ڏٺل ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جي
شادي سندن مائٽ ڪرائين ٿا، پر شاديءَ کان پوءِ انهن ۾
تمام گهڻو پيار وڌي وڃي ٿو. اهڙيءَ طرح هو ڪجهه وقت ته
خوشي ۽ آرام ۾ گذارين ٿا؛ پر جلد ئي ڇوڪرو سلهه جي

بيماريءَ جي ڪري مري وڃي ٿو. پوءِ سندس نوجوان زال ڪجهه وقت ته پنهنجي مجازي خدا جي ياد ۾ گذاريندي رهي ٿي. سندس مڙس جو دوست جيڪو ساڻس همدردي ڪندو رهي ٿو، تنهن جو ساڻس پيار ٿي وڃي ٿو. پر هوءَ ان سان به شادي نٿي ڪري آخر ۾ هوءَ هڪ جوڳيءَ سان شادي ڪري ڇڏي ٿي. هيءَ سندس سماجي ناول آهي. منگهارام ملڪاڻي هن ناول تي تنقيد ڪندي لکي ٿو ته:

"منهنجي نظر ۾ هن ۾ وڏوا جو چرتر ڪري پوي ٿو، وڏوا وواهه جو مسئلو برابر نئون ۽ سماجڪ سڌاري وارو آهي، پر اهو ڪنهن شاناٽي طريقي سان اچڻ کپي ها. هن ۾ وڏوا وواهه جو مسئلو ڪامياب طور حل نٿو ٿئي. هن ناول جو موضوع سٺو هوندي به سيرت نگاري جي ڪوتاهي آهي." (١٤)

انهيءَ کان پوءِ ١٩٥٨ع ۾ گوبند مالهيءَ جو ناول "ديسي سيڻ ڪجن"، 'ڪهاڻي ساهت' وارن شايع ڪرايو. هي هڪ ڪامياب ناول آهي. هن ناول بابت مصنف خود لکي ٿو ته:

"سورهياڻي به انهيءَ ۾ ئي آهي ته سيني مشڪلاتن جو مقابلو ڪري اسين پنهنجي پوتر ۾ پوتر وستو ۽ سنڌين کي سنڀاليون، سانڍيون ۽ وڌايون. هن ناول جو مرڪزي خيال به اهوئي آهي." (١٥)

گوبند مالهي سنڌي زندگي، سنڌي ڪردار، سنڌي جذبا يا سنڌ جو دلفريب وايو منڊل پنهنجن ناولن ۾ پيش ڪيو آهي، جن هن جي ناولن کي ڪاني جان بخشي آهي. هن خيال کان سندس ناول "ڏيهي پرڏيهي ٿيا". بي حد ڪامياب ناول آهي،

جيڪو ١٩٦١ع ۾ شايع ٿيو، هن ناول جون ٻه خاص خوبيون آهن: هڪ ته موضوع جي نواڻ جنهن ۾ سنڌ جي هاڻوڪن باشندن ۽ هندستان ۾ لڏي آيل پراڻن باشندن جي وچ ۾ ميلاپ آڻڻ ۽ ٻي آهي سٽا جي نواڻ. ڇاڪاڻ ته هي سڄو ناول خطن جي ذريعي پيش ڪيل آهي، جنهن ۾ هند پاڪ جي وچ ۾ ٻن ساهيڙين جا لکيل خط ڏنل آهن. جيڪو سنڌي ناول ۾ پهريون دفعو آيو آهي. هن ناول جي مهاڳ ۾ گوبند مالهي سنڌ ۽ هند ۾ رهندڙ سنڌين جي وچ ۾ تعلقات وڌائڻ جي باري ۾ لکي ٿو ته:

> "مستقبل ۾ سنڌ ۽ هند ۾ رهندڙ سنڌين جي ميلاپ آڻڻ لاءِ هن ناول ۾ صحيح جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي." (١٦)

١٩٦١ع ۾ گوبند مالهيءَ جو ناول "پيار جي شڪست" شايع ٿيو، جيڪو تمام اوچي معيار وارو ۽ ڪامياب ناول آهي. هي ناول ٽڪنڊي پيار جي پراڻي، پر سدا دلچسپ موضوع تي لکيل آهي. خاص ڪري ٻن پاترن جو ساڳي ڇوڪريءَ لاءِ پيار ۽ انهيءَ ۾ هڪٻئي سان مقابلو ڏيکاريو آهي. ٻئي پاتر بلڪل مختلف طبيعت وارا آهن، جن جي سيرت نگاري چٽي پيش ڪيل آهي. ڇوڪريءَ جي ٻنهي عاشقن جي وچ ۾ ٻڌ تر ۽ ڪشمڪش سهڻي نموني بيان ڪيل آهي. نندي پاڻ کي پيار ڪندي به غلطفهميءَ وچان وڏي شڪي پاڻ سان شادي ڪئي ٿي، پوءِ ٻنهي عاشقن سان ساڳئي گهر ۾ رهندي حاسد مڙس جي مار کائيندي، پيار ۽ فرض جو سنڌو قائم رکي ٿي ۽ پنهنجي سچائپ ۽ سهڻي سلوڪ سان پاترن ۾ پيار قائم ڪري

ني، تڏهن هيءَ ننڍڙي ڳوٺاڻي ڇوڪري، ان وقت وڏي سورمي بڻجي وڃي ٿي.

سرسري طور ناول جي رٿا ۽ مقصد اثرائتو آهي. هن ناول ۾ به سنڌ جي ڳوٺاڻي زندگي ۽ سنڌ جا نظارا سهڻي نموني ۾ پيش ڪيل آهن.

١٩٦١ع ۾ گوبند مالهيءَ جو ناول ”سنڌوءَ جي ڪناري“ شايع ٿيو، جيڪو به ڪامياب ناول آهي. گوبند مالهيءَ جو ١٩٦٥ع ۾ هڪ ناول ”هڪ انسان سو طوفان“ ڇپيو، جيڪو پارت جيون وارن شايع ڪيو. موضوع جي لحاظ کان هيءُ ناول ٻه وڏوا وواه جي مسئلي تي لکيل هڪ ڪامياب ناول آهي. هي ناول چيمبور ڪئمپ جي ماحول تي بيهاريل هڪ سنڌي پهلوان، شراب ۽ جوئا جو اڏو هلائيندڙ، پرسون ورني دل رکندڙ هيرو بابت هڪ خوبصورت ناول آهي. هن ناول جي هيروئن هڪ خوبصورت ۽ سٺي سڀاءَ واري جوان بيوه آهي. هوءَ ٻه ٽي سال پنهنجي مڙس سان وفاداريءَ سان رهي پئي ته اوچتو سندس مڙس بيمار ٿي پيو ۽ مرندي وقت اها وصيت ڪري ٿو ته سندس مرڻ کان پوءِ هوءَ هن جي دوست سان ئي شادي ڪري. تڏهن سندس دوست جي ماءُ راضي نٿي ٿئي پر پوءِ اتفاقاً حالتون هنن جي حق ۾ وڃن ٿيون ۽ ٻنهي جي شادي ٿي وڃي ٿي، ۽ هو خوش رهن ٿا.

گوبند مالهيءَ جو ناول ”محبت جي راهه ۾“ ١٩٧٥ع ۾ ڇپيو، جيڪو مارئي پبليڪيشن وارن شايع ڪيو. هن ناول ۾ محبت، زندگي، انسان ۽ انساني رشتن جون جهلڪيون پيش ڪيون ويون آهن. هن ناول ۾ به جيون ساٿي ۽ سنڌو ڪناري وانگر ٽي محبتي جوڙا ڪنيا ويا آهن.

هن ناول جي موضوع بابت خود مصنف لکي ٿو ته:

”سون هن ناول جو عنوان ”محبت جي راهه“ انهيءَ ڪري چونڊيو جو ”زندگيءَ جي راهه“ تي اڳ ۾ ئي ناول موجود آهي. سان هن ناول ۾ موضوع جي نواڻ جي دعويٰ نٿو ڪريان. محبت پراڻو موضوع آهي. هرليڪ ساهتيہ جي هن شاخ تي طبع آزمائي ڪئي آهي. شايد ان ڪري جو محبت ۽ انسانيت جي وچ ۾ اٽوٽ سنبنڌ رهيو آهي. ساهتيہ جي آغاز کان محبت ان سان جڙي رهي آهي. رت ماس جي رشتي جي طرح سون هن ناول ۾ محبت کي پراڻو موضوع ئي رهڻ ڏنو آهي. پريت خواهه ان جي ريت ۾ نواڻ کولهڻ ۽ جتائڻ جي ڪوشش نه ڪئي آهي. بس محبت، محبت آهي. آڏ کان اڄ تائين اڄ کان انت تائين به محبت، محبت رهندي پيو ڪجهه به نه.“ (١٧)

هن ناول ۾ گوپال ۽ شيلا گهران پڇي نڪتا آهن. محبت جي راهه ۾ پرسانند ۽ پدما جي پيار وچ ۾ پرمانند جي زال دست انداز ٿي آهي، پوءِ به هنن جو پهريون پيار سندن آخرين پيار بڻبو رهيو آهي. مدراسي ليڪڪ، پنجابي ڳائڪا سان پيار ڪيو. تنهن کان اڳ هن ڪنهن سان نه صرف محبت ڪئي هئي. پر شادي به ڪئي هئي. پريتم شاديءَ بعد مڙس بڻجي ويو ۽ پريتما کي زال ئي نه، شخصي ملڪيت سمجهڻ لڳو. ان ڳائڪي جي بغاوت ۽ ليکڪ جي همدرديءَ نئين محبت کي جنم ڏنو. اعا محبت نئين هوندي به پراڻي

پيار جهڙي دستوري آهي. البت ان ۾ همدردي ۽ بغاوت جا عنصر بہ موجود آهن.

هن ناول جو ڪئنوس محبت نہ، زندگي آهي. زندگي محبت کان وڌيڪ گوناگون آهي.

انهيءَ کان سواءِ گوبند مالهيءَ جا ٻيا هي ناول آهن:

١- پريتم ويو پرديس.

٢- سوداگر جي سونهن.

سندس ترجمو ڪيل ناول هي آهن: "ساٿي"، "سيما" ۽ "ماءُ". "ماءُ" جيڪو گورڪي جي روسي ناول تان ترجمو ڪيل آهي. هي ناول ڀارت ناول مالا وارن شايع ڪيو. هن ناول جو ترجمو گوبند مالهيءَ ڏاڍي سهڻي نموني ۾ ڪيو آهي.

مجموعي طور تي سندس ناولن کي ڏٺو وڃي تہ هن جي ناولن جا موضوع، سندس خيالات ۽ سندس فڪر ٻين کان جداگانہ آهي. هن خاص طور تي سماج جي سماجي، اخلاقي، معاشرتي ۽ اصلاحي پهلوئن کي پيش ڪيو آهي.

## حــوالا

(١) جگديش لڇاڻي، "اپنياس ۽ سنڌي اپنياس" وينا پبليڪيشن الهاس نگر ١٩٨٧ع.

(٢) حوالو ساڳيو.

(٣) ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ- مضمون "ورهاڱي کان پوءِ ناول" - سنڌي ادب- سنڌ الاجي ٨٥-١٩٨٤.

(٤) حوالو ساڳيو.
(٥) منگهارام ملڪاڻي، ”ڀارت ۾ سنڌي نثر جي ترقي“ ڪلڪتو ١٩٨٠ع.
(٦) حوالو ساڳيو.
(٧) هيرو شيوڪاڻي، مضمون ”سنڌي ڪٿا ساهتيہ ۾ سنڌي جيون“، شبد ۽ سنسڪرتي - ڪتاب ۾ شامل.
(٨) ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ - ”ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول“، سنڌي ادب ٨٥-١٩٨٤ع.
(٩) جڳديش لڇاڻي، ”اپنياس ۽ سنڌي اپنياس“ وديا پبليڪيشن ١٩٨٧ع.
(١٠) منگهارام ملڪاڻي، ”سنڌي نثر جي ترقي“، ڪلڪتو ١٩٨٠ع.
(١١) ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ، ”ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول“ سنڌي ادب ٨٥- ١٩٨٤ع.
(١٢) منگهارام ملڪاڻي، ”سنڌي نثر جي ترقي“، ڪلڪتو ١٩٨٠ع.
(١٣) حوالو ساڳيو.
(١٤) حوالو ساڳيو.
(١٥) ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ، ”ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول“ سنڌي ادب - ٨٥-١٩٨٤ع.
(١٦) گوبند مالهي، ”ڏيهي پرڏيهي ٽيا“، مقدمو.
(١٧) گوبند مالهي، ”محبت جي راهہ ۾“ مقدمو.